
# امیر معاویہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ

## جو شان ۽ وَصفُون

08-Jan-2026



8 جنوري 2026ع (بمطابق: 19 رجب شريف 1447هه)تي سچي

پاڪستان ۾ دعوت اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جو شان ۽ وَصفُون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... ايمان برباد ٿيڻ جو خطرو
- ✿... جبرائيل عليه السَّلام سلام ڪيو
- ✿... امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہ هادي ۽ مهدي آهن
- ✿... سڀ کان وڏو سردار ڪير

پیشکش

اَلْمَدِیْنَۃُ الْعِلْمِیَۃ

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِیَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:

اَلصَّلَاةُ عَلَیَّ نُوْرٌ عَلَى الصِّرَاطِ وَمَنْ صَلّٰى عَلَیَّ يَوْمَ الْجُمُعَةِ ثَمَانِيْنَ مَرَّةً غُفِرَ لَهُ ذُنُوْبُ ثَمَانِيْنَ عَامًا

**ترجمو:** منهنجي مٿان دورو شريف پڙهڻ پل صراط تي نور آهي، جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن مون تي 80 ڀيرا درود پاڪ پڙهندو ان جا 80 سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.(1)

نورِ علم و حکمت والے | نافذ جاری حکومت والے
رب کی اَعلیٰ خلافت والے | تم پہ لاکھوں سلام

تم پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.(2)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون،

---

1...مسند فردوس، جلد:2، صفحه:408، حديث:3814۔
2... بخاری، کِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحه:65، حديث:1۔

نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مَحبُوب جي اَدا ڪي ادا ڪري رهيو آهيان

حضرت اَبو اُمَامہ بن سهل بن حنيف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ: هڪ دفعي حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ منبر تي تشريف فرما هئا ۽ مؤذن آذان ڏئي رهيو هو، مؤذن چيو: اَللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ۔ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بہ چيو: اَللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ۔ مؤذن چيو: اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ۔ پاڻ چيائون: وَاَنَا (يعني مان بہ شاهدي ڏيان ٿو تہ الله پاڪ کان سواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي)- مؤذن چيو: اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰہِ۔ انهن بہ چيو: وَاَنَا (يعني مان بہ شاهدي ڏيان ٿو تہ مُحَمَّد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الله جا رسول آهن)- اهڙي طرح مؤذن آذان ڏيندو ويو، پاڻ آذان جو جواب ڏيندا ويا، جڏهن آذان مڪمل ٿي وئي تہ پاڻ ماڻهن کي مخاطب ٿيندي فرمايائون: اي انسانو...!! مون ڏٺو تہ ائين ئي رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منبر تي تشريف فرما هئا، مؤذن آذان ڏئي رهيو هو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آذان جي جواب ۾ اهو ئي فرمايو جيڪو مون چيو آهي (جو تہ آئون پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڪ ادا ڪي ادا ڪندي آذان جو جواب ڏئي رهيو هيس)-[1]

| | | | |
|---|---|---|---|
| خائِفِ کبریا | حضرت معاویہ | عاشقِ مصطفےٰ | حضرت معاویہ |
| خُوب رُو خوش ادا | حضرت معاویہ | خُوش نما خُوش لقا | حضرت معاویہ |
| مخلص و باوَفا! | حضرت معاویہ | باعَمَل بے ریا | حضرت معاویہ |
| جنّتی بے شُبہ! | حضرت معاویہ | باخُدا باصفا! | حضرت معاویہ [2] |

1... فتح البارى، كتاب الجمعة، باب يجيب...الخ، جلد:2، صفحہ:509، زيرِ حديث:914۔
2... وسائل فردوس، صفحہ:57و 58 ملتقطاً۔

**وضاحت:** باخدا يعني خدا جو قسم- باصفا يعني باطني خوبين سان سينگاريل.

## آذان جو جواب ڏيندا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي هن مبارڪ عمل مان اسان کي **2** ڳالهيون سکڻ جي لاءِ مليون:

**(1):** پهرين اِها ته پاڻ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جا تمام گهڻا حريص هئا ۽ ڪمال جي ڳالهه هيءَ آهي ته فقط زبان سان چئي نيڪي جي دعوت نه ڏيندا هئا بلڪ عمل ڪري به ڏيکاريندا هئا، پاڻ منبر تي ويهي عملي طور آذان جو جواب ڏنائون ۽ پوءِ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ادا بابت ٻڌايائون ته جيئن مون ڪيو آهي، اِهو رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو به مبارڪ عمل آهي، تنهنڪري اي عاشقانِ رسول! توهان به آذان جو جواب ڏيندا ڪريو!

**(2):** ٻي ڳالهه هيءَ سکڻ جي لاءِ ملي ته آذان جو جواب ڏيڻ رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه ادا به آهي ۽ تمام گهڻي ثواب جو ڪم به آهي.

عام طور تي اسان وٽ هن آسان نيڪي ڏانهن ڌيان نه ڏنو ويندو آهي، آذان تي رهي هوندي آهي ۽ ماڻهو پنهنجي ڪمن ڪارين ۽ ڳالهين وغيره ۾ مشغول هوندا آهن. اها سني ڳالهه نه آهي. بهارِ شريعت ۾ آهي: **جڏهن** آذان ٿي رهي هجي ته ايتري دير جي لاءِ ڳالهائڻ، ٻولهائڻ، سلام جو جواب ڏيڻ ۽ هر قسم جو ڪم ڪار روڪي ڇڏيو، ايسيتائين جو تلاوت ڪان به رڪجي وڃو، آذان کي غور سان ٻڌو ۽ ان جو جواب ڏيو- آذان جي دوران گهمڻ ڦرڻ، اٿڻ ويهڻ، ٽانوَ، گلاس وغيره يا ڪائي به شيءِ ڪٽڻ يا رکڻ، ڪاڏو وغيره رکڻ، ننڍڙن ٻارن سان کيڏڻ، اشارن ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وغيره سڀ ڪجهه روڪي ڇڏڻ ئي مناسب آهي. [1]

## ايمان برباد ٿيڻ جو خطرو

**جيڪو** آذان جي وقت ڳالهين ۾ مشغول رهندو ته ان جو مَعَاذَاللّٰه! برو خاتمو

---

[1]...بهار شريعت، جلد:1، صفحه:473، حصّه:3 مفصلاً-

ٽيڻ (يعني آخري وقت ۾ سندس ايمان ضايع ٿيڻ) جو خوف آهي. [1]

## 3 ڪروڙ 24 لَک نيڪيون ڪمايو

پيارا اسلامي ڀائرو! آذان جو جواب ڏيڻ هڪ آسان نيڪي آهي. حديث پاڪ جي مطابق جيڪڏهن ڪو اسلامي ڀاءُ اهتمام سان روزانو پنجن ئي نمازن جي آذانن ۽ پنجن ئي اقامتن جو جواب ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ته ان کي **3** ڪروڙ **24** لک نيڪيون ملنديون، ان جا **3** لک **24** هزار درجا بلند ٿيندا ۽ سندس **3** لک **24** هزار گناهہ معاف ٿيندا. [2]

تنهنڪري جڏهن به آذان ٿئي ته تمام ڪم ڪار ڇڏي آذان جو جواب ڏيو! ۽ خوب ثواب ڪمايو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عنہ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بلند مرتبي وارا صحابيءِ رسول آهن ۞ پاڻ خود به صحابي آهن ۞ سندن والدِ محترم حضرت ابوسفيان رَضِیَ اللہُ عَنْہُ به صحابي آهن ۞ انهن جي والده محترمہ حضرت هند رَضِیَ اللہُ عَنْہا به صحابيہ آهي ۞ سندن ڀيڻ حضرت اُمِ حبيبہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا صحابيہ به آهي ۽ اسان مسلمانن جي امي جان يعني محبوبِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون زوجہ محترمہ به آهي.

جيئن ته حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اسان جي امي جان جا ڀاءُ آهن، تنهنڪري عُلماءِ ڪرام کين خَالُ الْمُسْلِمِیْن (يعني مسلمانن جو مامو) چوندا آهن.

۞ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اعلانِ نبوت فرمائڻ کان **5** سال پهريان مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا ۞ سندن

---

[1]… بهار شريعت، جلد:1، صفحہ:473، حصّہ:3 ۔

[2]… فيضان اذان، صفحہ:6،ملتقطاً۔

قد مبارڪ ڊگهو هو ۞ رنگ پُورو ۽ خوبصورت ۞ ۽ سندن شخصيت رعب دار هئي ۞ علامہ حسين بن محمد رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ رعب ۽ دٻدٻي وارا، دور انديش، بهادر، سخي ۽ بردبار بادشاهہ هئا ۞ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صلح حديبيہ جي ڏينهن سن **6** هجري ۾ اسلام قبول ڪيو. (1)

## صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عنهم جو شان مبارڪ

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابيءِ رسول آهن ۽ الحمدلله! سيئي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان انتهائي بلند مرتبي ۽ تمام اعليٰ شان وارا آهن. قرآن ڪريم ۾ انهن سيني سان جنت جو وعدو فرمايو ويو آهي- جيئن ارشاد ٿيو آهي تہ:

| | |
|---|---|
| وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ (پارو: **27**، سورة حديد: **10**) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن سيني سان الله سڀ ڪان سٺي شيءِ جو واعدو فرمايو آهي. |

معلوم ٿيو تہ سيئي صحابہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جنتي آهن. (2)

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیٔ نبی! | جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! | جنّتی جنّتی |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی جنّتی | حضرتِ صدیق بھی! | جنّتی جنّتی |
| اور عُمر فاروق بھی ! | جنّتی جنّتی | عُثمانِ غنی! | جنّتی جنّتی |
| فاطمہ اور علی! | جنّتی جنّتی | ہیں حَسَن حُسین بھی! | جنّتی جنّتی |
| والِدَین نبی! | جنّتی جنّتی | ہر زوجۂ نبی! | جنّتی جنّتی |
| اور ابو سُفیان بھی! | جنّتی جنّتی | ہیں مُعاویہ بھی! | جنّتی جنّتی(3) |

1...فيضانِ امير معاويہ، صفحہ:15-25ملتقطاً۔
2...تفسير قرطبی، پارہ:27، سورۂ حديد، زيرِ آيت:10، جلد:9، جز:17، صفحہ:152 ماخوذاً۔
3 ... وسائلِ فردوس، صفحہ:53۔

سيپارو: **9**، سُوْرَۃُ الْاَنْفَال جي آيت نمبر **4** ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّاؕ لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَ مَغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِیْمٌۚ﴿۴﴾
(پارو: **9**، سورة انفال: **4**)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** سي ئي سچا مسلمان آهن انهن جي لاءِ سندن رب وٽ درجا ۽ بخشش ۽ عزت واري روزي آهي.

پارو: **11** سُوْرَۃُ التَّوْبَة آيت نمبر **100** ۾ فرمايو ويو آهي:

رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ وَ اَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَاۤ اَبَدًاؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ﴿۱۰۰﴾
(پارو: **11**، سورة توبہ: **100**)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** انهن سيني کان الله راضي ٿيو ۽ اُهي الله کان راضي آهن ۽ اُن انهن جي لاءِ باغ تيار ڪري رکيا آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، هميشہ هميشہ لاءِ ان ۾ رهندا اِها ئي وڏي ڪاميابي آهي.

سُبْحٰنَ الله! هنن آيتن مان معلوم ٿيو تہ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سميت سمورا صحابي الله پاڪ کان راضي آهن، الله پاڪ انهن کان راضي آهي، سيئي سچا، پڪا ۽ باڪمال مومن آهن، سيئي تمام اعليٰ رتبي وارا آهن، سيني جي لاءِ بخشش آهي ۽ سڀ جو سڀ جنتي آهن. (1)

دو عالَم نہ کیوں ہو نثارِ صحابہ | کہ ہے عرش منزلِ وقارِ صحابہ
امیں ہیں یہ قرآن و دینِ خدا کے | مدارِ ہدیٰ اعتبارِ صحابہ
نمایاں ہے اسلام کے گلستاں میں | ہر اِک گُل پہ رنگِ بہارِ صحابہ
کمالِ صحابہ، نبی کی تمنا | جمالِ نبی ہے قرارِ صحابہ

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شان جي باري ۾ ڪجھ حديثون ٻڌو!

1...تفسير بغوی، پارہ:11، سورۂ تَوبَہ، زير آيت:100، جلد:2، صفحہ:319خلاصةً ۔

## جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام سلام ڪيو

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا انتهائي بااعتماد صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم جن کي حضور اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآن ڪريم جي ڪتابت (يعني لکڻ) جي ذميداري ڏيندا هئا، انهن مان هڪ حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ بہ آهن- حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهما کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! معاويہ کي منهنجو سلام چئو، اُهي ڪتاب الله (يعني قرآن ڪريم) جا ۽ وحي جا اَمين آهن. (1)

ڪاتِب ہے جو ڪلامِ خُدا و رسول ڪا، پکّا اُصول ڪا
ہر زاویہ ہے جس ڪا ذہانت ڪا زاویہ، وہ ہے معاویہ
راوی ہے جو حديثِ رسالت مآب ڪا، ڪاتِب ڪتاب ڪا
نوکِ زباں ہیں جس کے فیوضِ سَماوِیہ، وہ ہے معاویہ

## الله ۽ رسول معاويه سان محبت ڪندا آهن

روايتن ۾ آهي تہ هڪ ڏينهن پيارا آقا، محبوبِ خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُمُّ المؤمنين حضرت اُمِ حبيبہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡها وٽ تشريف فرما ٿيا، ان وقت حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ بہ اتي موجود هئا ۽ سندن پياري ڀيڻ يعني حضرت اُمّ حبيبہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡها سندن مٿي ۾ ڦڻي ڏئي رهي هئي، ڀيڻ ۽ ڀاءُ جو اهڙو پيار وارو انداز ڏسي الله پاڪ جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي اُمّ حبيبہ! ڇا تون معاويہ سان محبت ڪندي آهين؟ عرض ڪيائين : هي منهنجو ڀاءُ آهي، ڀلا مون کي ان سان محبت ڇو نہ هوندي؟ مالڪِ جنت، صاحبِ ڪوثر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله ۽ ان جو رسول بہ معاويہ سان محبت ڪندا آهن. (2)

---

1...معجم الاوسط، جلد:3، صفحہ:73، حديث:3902۔

2... تاريخ مدينہ دمشق، جلد:59، صفحہ:89۔

حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته سرڪارِ عالي وقار، مکي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي ام حبيبه! معاويه سان محبت کندي ڪر! بيشڪ مان معاويه سان محبت ڪندو آهيان ۽ مان ان شخص سان به محبت ڪندو آهيان جيڪو معاويه سان محبت ڪندو آهي، جبرائيل به معاويه سان محبت ڪندا آهن، ميڪائيل به معاويه سان محبت رکندا آهن ۽ اي اُمّ حبيبه! جبرائيل ۽ ميڪائيل عَلَیۡہِمَا السَّلَام جي محبت کان به وڌيڪ هي ته الله پاڪ به انهن سان محبت فرمائيندو آهي. (1)

| | |
|---|---|
| معاویہ کے پیار سے ہمارا بیڑا پار ہے | گناہ بخشوائے گی شفاعتِ معاویہ |
| جو عاشقِ رسول ہیں وہ ان سے پیار کرتے ہیں | فقط منافقوں کو ہے عداوتِ معاویہ |

## 3 دفعا جنت جي بشارت

حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي ته غيب ڄاڻ واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هاڻي توهان وٽ هڪ جنتي شخص ايندو- ان وقت حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ حاضر ٿيا، ٻئي ڏينهن بيهر ارشاد فرمايائون: هاڻي توهان وٽ هڪ جنتي شخص ايندو، ان ڏينهن به حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ حاضر ٿيا، ٽئين ڏينهن به ارشاد فرمايائون: هاڻي توهان وٽ هڪ جنتي شخص ايندو- (سُبۡحٰنَ الله!) ٽئين ڏينهن به حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ئي حاضر ٿيا. (2)

## معاويه! مان تومان آهيان، تون مون مان آهين

هڪ روايت ۾ حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا فرمائن ٿا ته پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي فرمايو: معاويه! مان تومان آهيان ۽ تون مون مان آهين، پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻن آڱرين کي پاڻ

1...ابن عساکر، جلد:59، صفحه:89-
2 ... مسند فردوس، جلد:5، صفحه:482، حديث:8830-

۾ ملائي فرمايو: جنت جي دروازي تي تون مون سان هِن طرح گڏ هوندين. (1)

کاتِبِ وحیِ خُدا ہیں اِذن سے سرکار کے | اور قطعی جنّتی بھی ہیں بفرمانِ رسول

## امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنه هادي ۽ مَهدي آهن

ترمذي شريف ۾ آهي، مکي مدني، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي حق ۾ هن ريت دعا ڪئي: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ هَادِيًا مَهْدِيًا وَاهْدِ بِهٖ يعني اي الله پاڪ! ۞ معاويه کي هادي (يعني ٻين کي هدايت ڏيڻ وارو) بڻاءِ ۞ هدايت يافته به بڻاءِ ۽ ۞ هِن جي ذريعي ماڻهن کي هدايت عطا فرماءِ. (2)

ہَادِی و مَہدِی بھی ہیں اور ہیں ذریعہ رُشد کا | اُن کے دُشمن کی کوئی نیکی نہیں ہر گز قبول

عالم سڳورا فرمائيندا آهن ته ماڻهن جا 3 قسم آهن: **(1):** هڪڙا اُهي آهن جيڪي پاڻ ته هدايت تي آهن پر ٻين کي هدايت نه ڏيندا آهن، ڪيترائي اهڙا گمنام نيڪ ٻانها آهن، جن پاڻ کي مخلوق کان پري ڪري ڇڏيو آهي، غارن ۾ رهي عبادت ڪندا رهندا آهن، اُهي پاڻ هدايت تي آهن پر ٻين کي هدايت نه ڏيندا آهن **(2):** ٻيا اُهي آهن جيڪي ٻين کي ته هدايت ڏيندا آهن، نيڪي جي دعوت ڏيندا آهن، بيان ڪندا آهن، درس ڏيندا آهن، سنيون سنيون ڳالهيون ٻڌائيندا آهن پر هُو پاڻ هدايت تي نه هوندا آهن ۽ پاڻ گناهه ڪندا رهندا آهن **(3):** ٽين قسم جا ماڻهو اُهي آهن جيڪي پاڻ به هدايت تي آهن، ٻين کي به هدايت ڏيندا آهن- اِهي سڀني کان افضل آهن، پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي متعلق اِها ئي دعا فرمائي ته اي الله پاڪ! معاويه کي سڀ کان افضل درجي ۾ رک! انهن کي هدايت يافته به بڻاءِ ۽ ٻين کي هدايت ڏيڻ وارو به بڻاءِ. (3)

1...مسند الفردوس، جلد:5، صفحه:393، حديث:8530۔
2...ترمذی، کتاب:المناقب عن رسول الله، باب:مناقب معاويہ، صفحه:866، حديث:3846۔
3 ... فضائل معاويہ لابن حجر، فصل: فی فضائلہ ومناقبہ، صفحہ:72ماخوذاً۔

## هادي ۽ هدايت يافته جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي اها خبر ته پئجي وئي ته جيڪو شخص پاڻ به هدايت يافته هجي ۽ ٻين کي به هدايت ڏيڻ وارو هجي (يعني پاڻ به نيڪ هجي ۽ ٻين کي به نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارو هجي)، اهو ٻن قسمن جي ماڻهن کان افضل آهي، پر ان شخص جو پنهنجو ڪهڙو مقام آهي؟ اچو ته! اِها ڳالهه شهزادهءِ رسول يعني حضور غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کان سکون. حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته ۞ جيڪو شخص (پاڻ به هدايت تي هجي ۽ ٻين کي به هدايت جو رستو ڏيکارڻ وارو هجي)، اُهو الله پاڪ جي معرفت رکڻ وارو آهي ۞ هِيِ اُهو آهي جنهن کي الله پاڪ پنهنجين آيتن (يعني نشانين) جو عالم بڻايو آهي ۞ ان جي دل ۾ نادر ۽ ناياب علم جا موتي رکيا ويا آهن ۞ اُهو پسنديده بانهو آهي ۞ اُهو مقبول بانهو آهي ۞ الله پاڪ ان کي هدايت عطا فرمائي آهي ۞ الله پاڪ ان کي پنهنجي قرب ۾ ترقي عطا فرمائي آهي ۞ علم جي لاءِ ان جو سينو کولي ڇڏيو آهي ۞ ان کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو ۞ عذابن کان ڊيڄارڻ وارو بڻايو آهي ۞ اُهو انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جو حقيقي نائب آهي.(1)

اي عاشقانِ رسول! غور ته فرمايو! سولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي حق ۾ ڪجهه لفظن جي دعا فرمائي ۽ انهن ئي ٿورڙن لفظن ۾ ڪهڙا نه عظيم فضائل گهري ورتا. سُبۡحٰنَ الله!

انہیں دُعا نبی نے دی مہدی اور ھادی کی | ہر ایک شک سے دُور ہے، ہدایتِ مُعاوِیہ

## امير معاويہ رَضِيَ اللّٰہُ عنہ جون ٻه اعليٰ وصفون

مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهم جون

[1]…شرح فُتوح الغيب، صفحہ:353۔

خصوصي وصفون بيان فرمايون آهن، هن حديث پاڪ ۾ حضرت امير معاويه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جون به خصوصي وصفون بيان ڪندي رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: وَمُعَاوِيَةُ بْنُ اَبِي سُفْيَانَ اَحْلَمُ اُمَّتِيْ وَاَجْوَدُهَا ۽ معاويه بن ابو سفيان (رَضِیَ اللہُ عَنۡہما) منهنجي اُمَّت ۾ سڀني کان وڌيڪ حِلم وارا ۽ تمام گهڻا سخي آهن. (1)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حِلم ۽ سخاوت جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ مان حضرت امير معاويه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جون به خصوصي وصفون معلوم ٿيون: **(1):** حِلم **(2):** جُود (يعني سخاوت)

اِهي ٻئي تمام اعليٰ وصفون آهن، اسان کي به اپنائڻ گهرجن.

## حِلم جي فضيلتن متعلق ۾ حديثون

اي عاشقانِ رسول! اسان کي به حِلم اپنائڻ گهرجي! ۞ حِلم وارو الله پاڪ جو پسنديده ۽ پيارو ٻانهو ٿيندو آهي ۞ ملائڪ حِلم واري جا مددگار هوندا آهن ۞ حِلم واري جي ماڻهو تعريف ڪندا آهن ۞ ۽ حِلم وارو ماڻهو بلند درجي تي پهچي ويندو آهي ۞ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: **5** شيون نبين جي سنت آهن، انهن مان هڪ حِلم آهي. (2)

۞ هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: قيامت جي ڏينهن مخلوق کي گڏ ڪيو ويندو، هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو ته فضل وارا ڪٿي آهن؟ اِهو ٻڌي ڪجهه ماڻهو اٿي جلدي جلدي جنت ڏانهن هلڻ لڳندا. ملائڪ انهن کان پڇندا: توهان جلدي جلدي جنت ڏانهن ڇو وڃي رهيا آهيو؟ اُهي چوندا: اسان ئي فضل وارا آهيون- ملائڪ پڇندا: توهان جي ڪهڙي فضيلت آهي؟ اُهي چوندا: جڏهن اسان تي ظلم ڪيو ويندو هو ته اسان صبر ڪندا هئاسين، اسان سان خراب رويو

---

[1]... مسند حارث، ڪتاب المناقب، باب فيما اشترڪ فيه ، جلد:1، صفحه:893، حديث:965۔

[2]...معجم ڪبير، جلد:5، صفحه:324، حديث:11282ملتقطاً۔

اختيار ڪيو ويندو هو ته اسان معاف ڪري ڇڏيندا هئاسين ۽ جڏهن اسان سان ڪو جهالت وارو وَرتاءُ ڪندو هو ته اسان حِلم جو مظاهرو ڪندا هئاسين.(1)

تُو عطا حِلم کی بھیک کر دے | میرے اَخلاق بھی ٹھیک کر دے
تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ته فرمايو! حِلم (يعني بُردباري ۽ قوتِ برداشت) جا ڪيڏا نه اعليٰ فضائل آهن- پر افسوس! اڄڪلهه اسان وٽ قوتِ برداشت بلڪل گهٽ ٿيندي پئي وڃي. ٿوري ٿوري ڳالهه تي ماٺهو ڪاوڙ ۾ ڳاڙها ٿي ويندا آهن، گاريون ڏيڻ لڳندا آهن، لڙايون ۽ جهڳڙا ٿي پوندا آهن بلڪ ڪيئي ڀيرا ته ڳالهه قتل تائين وڃي پهچندي آهي.

گهرن جي اندر ڏسو! ۞ ٻار جي هٿن مان ڪو ٿانءُ ڪِري ڀڃي پئي ته، ان تي مائرون ڪاوڙ ڪنديون آهن، والدين دڙڪا ڏيڻ شروع ڪندا آهن ۞ غلطيءَ سان چانهه هٿن مان ڪِري ڪپڙن تي هارجي وڃي پوءِ ته ڄڻ قيامت اچي ويندي آهي، ڪو فنڪشن وغيره هلي رهيو هجي ۽ ان ۾ جيڪڏهن ائين ٿي وڃي ته ڪڏهن ڪڏهن ان جي ڪري پورو فنڪشن ئي خراب ٿي ويندو آهي، ان ننڍڙي ڳالهه تي ايترو ته تماشو ڪيو ويندو آهي جو چڱي ڀلي خوشين ڀري ماحول تي اداسي ڇانئجي ويندي آهي ۞ گهرواريءَ کان ڪا غلطي ٿي وئي ۞ ڀاڄي سڙي وئي ۞ ڪاڏي ۾ لوڻ وڌيڪ پئجي ويو ۞ ڪپڙا اِستري ڪرڻ وقت سڙي ويا ۞ ڪپڙا ڌوئڻ ۾ ڪا ڪَمي رهجي وئي، ڪو هلڪو داغ رهجي ويو. اسان وٽ اهڙين ننڍين ننڍين ڳالهين تي گهرن ۾ لڙايون ٿينديون آهن، جهيڙا جهٽا شروع ٿي ويندا آهن ۞ ننڍي ڀاءُ کان ڪا غلطي ٿي وئي ۞ موٽر سائيڪل ڪِري پئي ۞ ڪو هلڪو ڦلڪو نقصان ٿي ويو

---

1...شعب الايمان، باب:فی حسن الخلق، جلد:6، صفحہ263، حديث:8086۔

2...وسائلِ بخشش، صفحہ:138۔

۞ ٻار کي دڪان تي سامان وٺڻ جي لاءِ موڪليو هو، ويچاري کان پيسا ڪٿي ڪِري پيا، پوءِ تہ بس سندس اهڙي تہ تاريخ ڇَڏائي ويندي آهي جو الله جي پناهہ...!! ۞ رستي تي هلندي ڪنهن جو ڪلهو ڪنهن سان ٽڪرائجي ويو تہ ماڻهو ٻَڙ ٻَڙ ڪرڻ لڳندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن تہ ان ڳالهہ تي جهيڙو بہ ٿي پوندو آهي ۞ ڪنهن جو پير اسان جي پير تي اچي ويو، اسان کان برداشت نہ ٿيندو آهي ۞ موٽر سائيڪل وارو گاڏيءَ سان ٽڪرائجي ويو، هاڻي فوري طور ڪاوڙ ۾ بريڪ لڳندي آهي، آس پاس جا ماڻهو بہ متوجهہ ٿي ويندا آهن تہ ڇا ٿيو؟ ڪار وارو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي گاڏيءَ مان لهندو آهي، پوءِ روڊ تي جيڪي **شرافت** جا مظاهرا ٿيندا آهن، الله پاڪ جي پناهہ...!!

اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي معاملا اسان وٽ روزمره جي زندگي ۾ عموماً ٿيندا رهندا آهن. ڪاش! اسان کي حِلم جي دولت نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان ڪاوڙ کائڻ وارا، ڪاوڙ تي قابو پائڻ وارا بڻجي وڃون.

## ڪِتي بُردباري گهٽِ نہ ٿي وڃي!

هڪ دفعي هڪ شخص حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سان سخت ڪلامي ڪئي تہ ڪنهن چيو: جيڪڏهن توهان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ چاهيو تہ هِن کي عبرتناڪ سزا ڏئي سگهو ٿا- ان تي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: مون کي هِن ڳالهہ کان حيا اچي رهيو آهي تہ منهنجي رعايا جي ڪنهن غلطيءَ سبب منهنجو حِلم ۽ بردباري گهٽ ٿي وڃي. (1)

## سڀ کان وڏو سردار ڪير؟

حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي بارگاهہ ۾ سوال ڪيو ويو تہ سڀ کان وڏو سردار ڪير آهي؟ فرمايائون: جڏهن ان کان ڪجهہ گهريو وڃي تہ سڀني کان وڌيڪ سخي هجي، محفلن ۾ حسنِ اخلاق جي اعتبار کان سٺو هجي ۽ ڪيس جيترو حقير سمجهيو وڃي اوترو ئي وڌيڪ حِلم ۽ بُردباري جو مظاهرو

1...حلم مُعاوِيہ لابن ابي دنيا، صفحہ:22، رقم:14۔

ڪري.[1]
صحابيءِ رسول، حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي صدقي الله پاڪ اسان کي بہ حِلم جي دولت نصيب فرمائي- اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم-

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سخاوت جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي ٻي پياري ۽ اهم وصف آهي: **جُود** يعني سخاوت- هي بہ تمام اعليٰ ترين وصف آهي- سخاوت جي فضيلت تي 5 مبارڪ حديثون پڙهو! **(1):** سخاوت جنت جي وڻن مان هڪ وڻ آهي، جنهن جون ٽاريون زمين ڏانهن جهڪيل آهن، جيڪو شخص انهن مان ڪنهن بہ ٽاري کي پڪڙي وٺندو آهي تہ اُها ان کي جنت ڏانهن وٺي ويندي آهي.[2] **(2):** تَجَافَوْا عَنْ ذَنْبِ السَّخِیِّ فَاِنَّ اللّٰہَ اٰخِذٌ بِیَدِہٖ کُلَّمَا عَثَرَ يعني سخي جي غلطيءَ کي درگذر ڪريو، ڇوتہ هُو جڏهن بہ ڪا لغزش ڪندو آهي تہ الله پاڪ سندس هٿ پڪڙي وٺندو آهي.[3] يعني الله پاڪ ان جو مددگار هوندو آهي ۽ ان کي هلاڪت ۾ پوڻ کان نجات عطا فرمائيندو آهي.[4] **(3):** ۞ **سخي** الله پاڪ جي ويجهو آهي ۞ جنت جي ويجهو آهي ۞ ماڻهن جي ويجهو آهي ۞ باهہ کان پري آهي ۽ ۞ **ڪنجوس** الله پاڪ کان پري آهي ۞ جنت کان پري آهي ۞ ماڻهن کان پري آهي ۞ باهہ جي ويجهو آهي ۽ **جاهل سخي**، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ بخيل عالم کان بهتر آهي.[5] **(4):** اي انسان! جيڪڏهن تون بچيل مال خرچ ڪري ڇڏين تہ اِهو تنهنجي لاءِ سٺو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي روڪي ڇڏين تہ تنهنجي لاءِ خراب آهي ۽ جيڪڏهن ضرورت جيترو پاڻ وٽ

---

1... تاريخِ مدينہ دمشق، رقم:7510، مُعاوِيہ بن صخر...الخ، جلد:59، صفحہ:186۔
2... شعب الایمان ، باب فی الجودو السخاء ،۷/ ۴۳۴،حدیث :۱۰۸۷۵۔
3... شعب الایمان ، باب فی الجودو السخاء ،۷/ ۴۳۳، حدیث :۱۰۸۶۷۔
4... اتحاف السادۃ المتقین،۹/ ۷۲۵،ملخصاً ۔
5...ترمذی ، کتاب البروالصلۃ ، باب ماجاء فی السخاء،۳/ ۳۸۷ ،حدیث :۱۹۶۸ بتغیرقلیل۔

رکين تہ تو تي ڪا بہ ملامت نہ آهي ۽ ڏيڻ ۾ پنهنجي عيال کان شروعات ڪر ۽ مٿيو (يعني ڏيڻ وارو) هٿ هيٺين (يعني وٺڻ واري) هٿ کان بهتر آهي.(1)

هن حديث پاڪ جي شرح ۾ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْہ فرمائن ٿا: يعني پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ مال خيرات ڪري ڇڏڻ، تنهنجي لاءِ ئي مفيد آهي ڇو تہ ائين ڪرڻ سان تنهنجو ڪو بہ ڪم نہ رڪجندو ۽ توکي دنيا ۽ آخرت ۾ ان جو بدلو ملي ويندو ۽ ان کي روڪي ڇڏڻ، تنهنجي لاءِ خراب آهي، ڇو تہ اُها شيءِ ضايع ٿي ويندي ۽ تون ثواب کان محروم رهجي ويندين، ان ڪري ئي حڪم آهي تہ نئون ڪپڙو وٺو تہ پراڻو بيڪار ڪپڙو خيرات ڪري ڇڏيو، نئون بُوٽ جيڪڏهن رب ڪريم توهان کي ڏئي تہ پراڻو بُوٽ جيڪو توهان جي ضرورت کان واڌارو آهي، اُهو ڪنهن فقير کي ڏِئي ڇڏيو ائين ڪرڻ سان توهان جي گهر جو ڪِچرو نڪري ويندو ۽ ان جو ڀلو ٿي ويندو. وڌيڪ فرمائن ٿا تہ هن ۾ بہ حڪم بيان ٿيا، هڪ اِهو تہ جيڪو مال هن وقت تہ واڌارو آهي، پر اڳتي هلي ان جي ضرورت پيش ايندي تہ ان کي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو، اڄ نفلي صدقو ڏئي سڀاڻي پاڻ ڀين کان نہ گهُرو، ٻيو هي تہ خيرات پهريان پنهنجن غريب مائٽن کي ڏيو، پوءِ ٻين کي ڇو تہ مائٽن کي ڏيڻ ۾ صدقو بہ آهي ۽ صلهءِ رحمي بہ آهي.(2)

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان عظيم صحابيِ رسول حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي پيارن پيارن مبارڪ وصفن جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. ❁پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نيڪين جا حريص، ❁ تمام وڏا سخي ❁ نهايت بردبار هئا. ❁پاڻ اهي عظيم هستي آهن جن کي حضرت جبرائيل عَلَيْہِ السَّلَام بہ سلام پيش ڪيو آهي. ❁پاڻ کي الله پاڪ جي حبيب صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجي دعائن سان نوازيو❁پنهنجي زبانِ اقدس سان ڪين جنت جون بشارتون عطا

1... مسلم: کتاب الزکاۃ، الحدیث:۱۰۳۶،ص۵۱۶۔
2... مرآۃ المناجیح شرح مشکاۃ المصابیح، ج۳،ص۷۰۔۷۱۔

فرمايون. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اهلِ بيتِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم سان بيحد محبت ڪندڙ ۽ پاڻ الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا محبوب پڻ آهن.

الله پاڪ اسان کي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سميت تمام صحابہ ڪرام ۽ اهلِ بيتِ عظام هم جي سچي ۽ پڪي محبت نصيب فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم-

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علائقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ نمازي بڻجڻ، سنتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور شرڪت ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! دين ۽ دنيا جون ڀلايون نصيب ٿينديون- 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم علائقائي دورو بہ آهي.

حديثِ پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪي قدم راهِ خدا ۾ مٽيءَ هاڻا ٿيندا آهن، انهن کي دوزخ جي باه نہ ڇُهندي آهي.[1] ۞ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ جي لاءِ گهر کان نڪرڻ بہ راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي ۞ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ بازارن ۾ تشريف وٺي ويندا هئا ۞ مختلف قبيلن ۾ وڃي بہ نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا.[2]

❀ دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول بہ هن پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۞ گهر گهر، دڪان دڪان وڃي نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي ۞ ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي ۞ نمازن جي ترغيب ڏياري ويندي آهي ۞ اسان ان کي علائقائي دورو

---

1... مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356-
2... سيرتِ مصطفيٰ، صفحہ:115و 148ملتقطاً-

چوندا آهيون. توهان بہ عاشقانِ رسول سان گڏجي علائقائي دورو ڪندا ڪريو!
اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ۞ نبين جي سنت تي عمل ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿيندي
۞ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو ۞ حديث پاڪ جي مطابق
نيڪيءَ جو رستو ڏيکارڻ وارو،نيڪي ڪرڻ واري جهڙو آهي.(1)
۞ جيڪڏهن اسان جي نيڪيءَ جي دعوت سان ڪو هڪ شخص بہ نيڪ
نمازي بڻجي ويو تہ يقين ڪريو! بيڙا پار ٿي ويندا- اچو تہ ترغيب جي لاءِ
هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## مسجد ڏانهن هليا آيا

سنڌ جي شهر ٽنڊو آدم ۾ 3 ڏينهن جي لاءِ عاشقانِ رسول جو هڪ قافلو پهتو- نمازِ عصر کان پوءِ گونگا ۽ ٻوڙا اسلامي ڀائر عام اسلامي ڀائرن سان گڏجي علائقائي دوري لاءِ ويا. اُهي مسجد جي ويجهو هڪ ميدان ۾ ڪرڪيٽ کيڏڻ وارن نوجوانن وٽ پهتا ۽ انهن کي نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪرڻ لاءِ ويجهو اچڻ جي درخواست ڪيائون- پوءِ هڪ عام اسلامي ڀاءُ ٻڌايو تہ اسان سان گڏ گونگا ۽ ٻوڙا اسلامي ڀائر بہ آهن، جيڪي اوهان کي اشارن جي زبان ۾ نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندا- پوءِ هڪ گونگي ۽ ٻوڙي اسلامي ڀاءُ اشارن جي زبان ۾ نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪئي ۽ اتي موجود ماڻهن کي مسجد ڏانهن گڏجي هلڻ جي دعوت بہ پيش ڪئي- عام اسلامي ڀاءُ بہ هن ريت ترغيب ڏياري تہ هي اسلامي ڀائر ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جي قوت کان محروم هوندي بہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ نڪري پيا آهن، الله پاڪ اسان کي انهن نعمتن سان نوازيو آهي، جيڪڏهن اسان هنن جي دعوت تي مسجد ڏانهن هلنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هنن جي دل خوش ٿيندي- اِهو ٻڌي اُهي ڪرڪيٽ کيڏڻ وارا نوجوان ڪنڌُ جهڪائي مبلغ سان گڏ مسجد ڏانهن هليا آيا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... ترمذي، صفحہ:628، حديث:2670ملتقطاً

# ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ضروري اعلانات ٻڌي وٺو. ❀ هر چنڇر تي اميرِ اهلسنت دَامَت بَرَکَاتهمُ الْعَالِيه **مدني چينل** تي **لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، ايندڙ چنڇر تي به مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ (تقريباً **8:15** بجي) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو. جنهن ۾ شيخِ طريقت اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادری دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا- سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ❀ شيخِ طريقت، امير اهلسنت هر هفتي هڪ **دِيني رسالو** پڙهڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **"تفسيرِ نُورالعرفان مان 77 مدني گُل (قسط:9)"** جو اعلان ڪيو ويندو- هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ان جي ترغيب ڏيارِيو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان به شيئر (Share) ڪيو! ❀ روزا الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهن، **رجب شريف** ۽ **شعبان شريف** ۾ نفلي روزا رکڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي، پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُم هنن مهينن ۾ نفلي روزن جو اهتمام ڪندا هئا- مڪتبة المدينه نفلي روزن جي فضيلتن ۽ برڪتن تي مشتمل هڪ رسالو نالي **نفلي روزن جون فضيلتون** ۽ هڪ ترغيبي **پمفليٽ** شايع ڪيو آهي.

توهان هي رسالو مڪتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان **25 روپين** ۾ ۽ پمفليٽ **2 روپين** ۾ خريد فرمايو، پاڻ به مطالعو ڪريو! ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏيو!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رجب شريف ۾ پڙهڻ واري دعا

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمْدُلله! رجب شريف جو بابرڪت مهينو هلي رهيو آهي، نبين جا نبي، رسول هاشمي، مڪي مدني مُحمَّد عربي جو انداز مبارڪ هو تہ جڏهن ماهِ رجب تشريف کڻي ايندو هو تہ هي دعا فرمائيندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

**ترجمو:** اي الله پاڪ! تون اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرماءِ ۽ اسان کي رمضان تائين پهچاءِ. (1)
اچو تہ اسان بہ هيءَ دعا پڙهي وٺون:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت. شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ (يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.) (2)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## واعدي جي پابندي ڪرڻ سنت آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** جيڪو واعدو پورو نہ ڪندو آهي، ان جو ڪو ايمان نہ آهي. (3) **(2):** جيڪو مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان واعدي خلافي ڪندو آهي ان تي الله پاڪ، ان جي ملائڪن ۽ سڀني انسانن جي لعنت آهي. (4)

1...مُسْنَدِ بزّار، جلد:13، صفحہ:117، حديث:6496۔
2...تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
3... مصنف ابْنِ اَبِي شيبہ، ڪتاب الايمان، جلد:7صفحہ:223۔
4... بخاري، ڪتاب الجِزيہ، صفحہ:815، حديث:3179۔

اي عاشقانِ رسول! واعدو پورو ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ بلڪ سنتِ انبياء آهي ۞ اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم واعدي جا تمام گهڻا پابند هئا ۽ ۞ واعدو ٽوڙڻ کي تمام گهڻو ناپسند فرمائيندا هئا ۞ اعلانِ نبوت کان اڳ ۾ هڪ دفعي هڪ شخص کين عرض ڪيو: اوهان هتي ترسو! مان اِجهو اچان ٿو، اُهو شخص هليو ويو پر ڪانئس واپس اچڻ وسري ويو، 3 ڏينهن کان پوءِ ان کي ياد آيو، جڏهن هُو ان جاءِ تي پهتو ته اِهو ڏسي حيران ٿي ويو ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم 3 ڏينهن گذري وڃڻ جي باوجود به اتي ئي تشريف فرما هئا ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت، رحمت ۽ حُسنِ اخلاق ڏسو! جو پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان تي ڪاوڙ نه ڪئي، ڪيس دڙڪا وغيره نه ڏنائون، بس صرف ايترو فرمايائون ته: اي شخص! تون مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو.[1] الله پاڪ اسان کي به سنتِ سرڪار تي عمل ڪندي واعدا پورو ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم-

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل **بهارِ شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1...اَبُو داؤد، كتاب ادب، باب في العدة، صفحہ:781، حديث:4996۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3... القول البديع، الباب الثانى، ص277

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل کن ٿا ته دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(1)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ کرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي. (2)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(3)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
2... القول البديع، الباب الاول، ص2125
3... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ چڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو چڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

2... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455